TRANSLATION DEPARTMENT
DAWAT-E-ISLAMI

هفتيوار رسالو

(امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتاب "منهاج العابدين" مان ٽين قسط)

نجات ڏيارڻ واريون

ڳالهيون

توڪل پيدا ڪرڻ جو طريقو

خودپسنديءَ جو علاج

نعمت کي باقي رکڻ جو طريقو

قابلِ رشڪ ڪير؟

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

كتاب پڑھڻ جي دعا

ديني كتاب يا اسلامي سبق پڑھڻ كان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڑهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيكو كجهه پڑهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا كولي چڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ پيرو درود شريف پڑهي چڏيو)

رسالي جو نالو: نجات ڈيارڻ واريون ڳالهيون

چاپو پهريون:

تعداد:

چاپيندڙ: مكتبة المدينه عالمي مدني مركز فيضانِ مدينه بابُ المدينه كراچي

مدني التجا: كنهن كي به هي كتاب چاپڻ جي اجازت ناهي

كتاب خريد كندڙ توجهه فرمائن

كتاب جي چپائي ۾ كا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڈنگ ۾ اڻتي پوئتي ٿي وڃي هجن ته مكتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

نجات ڈيارڙ واريون ڳالهيون

پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ (دعوت اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ
محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: ✉ translation@dawateislami.net

فهرست

نجات ڈيارڻ واريون ڳالهيون

دُرُود شريف جي فضيلت 1
(1) الله پاڪ کي صابر چوڻ ڪيئن آهي؟ 1
(2) آهي صبر تہ فردوس جو خزانو! اي پائرو! 2
(3): رَبُوبِيَت ۽ عُبُوديَت جي معنيٰ 2
(4) توڪُل پيدا ڪرڻ جو طريقو 2
(5) مصيبت تي صبر 2
(6): نفس کي گناهن کان روڪڻ جو طريقو 3
(7): سچو شوق 3
(8): جنتي شخص جون صفتون 3
(9): جبرائيلِ اَمين عَلَيهِ السّلام جو خوفِ خدا 3
(10): غَم تن قِسمن جا آهن 4
(11): ڪڏهن خوف ۽ ڪڏهن رَجا (يعني اميد) هجڻ گهرجي؟ 4
(12) الله پاڪ ۾ حُسنِ ظَن 5
(13): جهڙي اميد، تهڙو عمل 5
(14): ڪُوڙي اميد، ڏوکو ۽ غفلت 5
(15): بخيل ۽ رياڪار تي جنت حرام 5
(16): سورت واقع جون برڪتون 5
(17): سورت واقع قناعت پيدا ڪندي آهي 6
(18): خُود پَسنديءَ جو علاج 6
(19): چا هي سڏو سَئوں نقصان نہ آهي؟ 6
(20): ماڻهو ڪنهن بہ شيءِ جا مالِڪ نہ آهن 7
(21): بُرو ۽ جاهل انسان 8
(22): الله پاڪ جي لاءِ خالص 2 رڪعتون 8
(23): چا ڪڏهن اهڙي ڪوشش ڪئي اٿئي؟ 9
(24): سراپا خطا آهيان، نظرِ ڪَرَم ٿئي 9
(25) مقبول عمل جو ثواب 10
(26): رابعہ بصريہ رَحمَۃُ اللهِ عَلَيهَا جو اخلاص 10
(27): نفس کي عبادت جو عادي بڻايو 10
(28): سڀ کان وڏو تحفو 11
(29): شُڪر چا آهي؟ 12

(30): هڪ ديني مسئلي جي لذت 12
(31) نعمت کي باقي رکڻ جو طريقو 13
(32): نعمت جو قدر نہ ڪرڻ واري جو حال 13
(33) دنيا جو مال مصيبت آهي 14
(34) پنهنجن کي عيش و آرام ڪان پري رکڻ 15
(35) تمام وڏي نعمت 16
(36): شڪر ادا ڪرڻ لاءِ سڀ کان بهترين ڪلمو 16
(37): دين جو قدر ڪريو 16
(38): ايمان جي حفاظت جي دعا 16
(39): ڪِتي اسلام نہ ڪَسجِي وڃي! 17
(40): ناشڪريءَ برباد ڪري ڇڏيو 17
(41): هڪ سال ۾ ڪمال جو درجو 18
(42): تمناءِ فاروقي 18
(43): انسان نادان آهي 18
(44): قابلِ رشڪ ڪير؟ 19
(45) ڪجهہ نہ هئڻ جي خوشي 19
(46): چونڪاري جي راهہ 19
(47): جنت جو قدرِ قيمت 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

نجات ڈيارڻ واريون ڳالهيون

دعاءِ عطار: يا الله پاڪ! جيڪو به هي رسالو "**نجات ڈيارڻ واريون ڳالهيون**" مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي نجي اصلاح جي توفيق نصيب فرماءِ ۽ ان کي ماءُ، پيءُ ۽ خاندان سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا عطا فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان پنهنجين مجلسن کي مون تي درود پاڪ پڙهي سينگاريندا ڪريو، چوتہ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نُور هوندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(1) الله پاڪ کي صابر چوڻ ڪيئن آهي؟

الله پاڪ جي لاءِ لفظ "**صابِر**" ان معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي تہ هُن مجرمن کان عذاب روڪي رکيو آهي ۽ هُو عذاب ڏيڻ ۾ جلدي نہ فرمائيندو آهي. (منهاج العابدين،ص123)

(2) آهي صبر تہ فردوس جو خزانو! اي پائرو!

جڏهن توهان کان کا شيءِ فوت (يعني ضايع) ٿي وڃي تہ کوشش ڪريو تہ بي شيءِ (يعني صبر) ضايع نہ ٿئي.(منهاج العابدين،ص134)

(3): رَبُوبِيَت ۽ عُبُوديَت جي معنيٰ

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو: عُبُودِيَت يعني ڇانهو هجڻ ڇا آهي ۽ رُبُوبِيَت يعني ربُ هجڻ ڇا آهي؟ ٻاڻ فرمايائون: ربُ هجڻ اِهو آهي تہ الله پاڪ جيڪو چاهي حڪم فرمائي ۽ ڇانهو هجڻ جو مطلب هي آهي تہ ان جي هر حڪم تي راضي رهجي. (منهاج العابدين،ص133)

(4) توڪُل پيدا ڪرڻ جو طريقو

الله پاڪ جڏهن ڪنهن وقت توهان کان دنيا يا رزق روڪي ڇڏي تہ توهان چئو: اي نفس! الله پاڪ تنهنجي حال کي توکان وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۽ هُو توتي سپ کان وڌيڪ مهربان ۽ آهي، جڏهن هُو ڪتي بلڪ غير مسلم کي ۽، دشمن هئڻ باوجود روزي عطا فرمائي ٿو، مان تہ پوءِ ۽ ان جو ڇانهو آهيان، ان کي سڃاڻڻ ۽ هڪ مجڻ وارو آهيان، ڇا هُو مون کي هڪ ماني ۽ نہ ٿو ڏئي سگهي؟ اي نفس! ڇڪيءَ طرح ڄاڻي وٺ تہ اُن ڪنهن وڏي فائدي خاطر ئي توکان رزق روڪيو آهي ۽ عنقريب الله پاڪ تنگيءَ کان پوءِ آساني فرمائيندو، تنهنڪري صبر ڪر. (منهاج العابدين،ص138)

(5) مصيبت تي صبر

اي غمن ۾ قيد شخص! (توجهہ ڪر) جڏهن توتي تمام گهٽي تنگي اچي وڃي تہ سورت اَلَمْ نَشْرَح ۾ غور ڪر، تون ڏسندين تہ هڪ تنگيءَ جو ذڪر ٻن آسانين جي وچ ۾ آهي. جڏهن تون ان کي بار بار پڙهندين تہ خوش ٿي ويندين. (منهاج العابدين،ص137)

(6): نفس کي گناهن کان روڪڻ جو طريقو

نفس تمام گهڻو برائيءَ جو حڪم ڏيندو آهي، برائيءَ ڏانهن مائل ٿيندو آهي ۽ فِتنن جو شوق رکندو آهي، ان کي تمام گهڻو ڊيڄاري ۽ هِيسائي ئي انهن گناهن ۾رين ڳالهين کان روکي سگهجي ٿو. فطري طور تي هِي اهڙو لاپرواهه آهي، جنهن ۾ نه حياءُ آهي ۽ نه ئي وفا. (منهاج العابدين،ص139)

(7): سچو شوق

غم: کائڻ کان روڪيندو آهي. **خوف:** گناهن کان روڪيندو آهي. **اميد:** عبادتن جو حوصلو پيدا ڪندي آهي ۽ **موت جي ياد:** غير ضروري شين کان بي رغبتي پيدا ڪندي آهي. جيڪو پنهنجي مطلوب ۽ مقصود کي سجاڻي وڻندو آهي، ان جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ آسان ٿي ويندو آهي. جنهن کي ڪا شيءِ پسند اچي وڃي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو ۾رپور شوق پيدا ٿيڻ لڳي تہ ٻانهو ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر مشقت برداشت ڪندو آهي ۽ ڪنهن بہ تڪليف جي ڪا پرواهه ئي نہ ڪندو آهي. (منهاج العابدين،ص140)

(8): جنتي شخص جون صفتون

مصيبت ۽ تنگدستي برداشت ڪرڻ ان کي ڪو نقصان نہ ڏيندو آهي، جنهن جو ٺڪاڻو جنت الفردوس هجي، توهان ان کي (يعني جنهن جو مقام جنت آهي) غم ۾ ٻڏل، خوفزده، گهبرايل ۽ پراڻن ڪپڑن ۾ مسجدن ڏانهن ويندي ڏسندؤ. (منهاج العابدين،ص141)

(9): جبرائيلِ اَمين عَليہِ السّلام جو خوفِ خدا

روايت آهي تہ صادق و اَمين آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، حضرت سيدنا جبرائيلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام کي الله پاڪ جي خفيہ تدبير

جي خوف کان ڪعبهٔ معظمہ جي پردن سان چنبڙي زارو قطار روئيندي ۽ هيءَ دعا گهرندي ڏٺو ته: **الاهي! منهنجو نالو نہ بدلائجانءِ ۽ منهنجي جسم کي تبديل نہ فرمائجانءِ.**

(منهاج العابدين،ص146)

(10): غَم ٽن قِسمن جا آهن

ڪجهہ بزرگن رحمۃُاللہِعلیہم فرمايو آهي ته غم ٽن قِسمن جا آهن: **(1):** اطاعت ۽ نيڪيءَ جو غم، ته متان اها قبول نہ ڪئي وجي **(2):** گناهہ ۽ نافرمانيءَ جو غم، ته شايد اُهي معاف نہ ڪيا وجن. **(3):** معرفتِ الٰهي (يعني الله پاڪ جي سڃاڻپ) جو غم، ته متان ڪڏهن اُها گسجي نہ وجي. (منهاج العابدين،ص155)

(11): ڪڏهن خوف ۽ ڪڏهن رَجا (يعني اميد) هجڻ گهرجي؟

جيڪڏهن توهان پڇو ته ڇا ڪنهن مخصوص حالت ۾ خوف ۽ اميد مان ڪنهن هڪ کي ترجيح ڏئي سگهجي ٿي؟ ته ڄاڻي ونو ته جيڪڏهن بانهو صحت ۽ تندرستيءَ جي حالت ۾ آهي ته **خوف** وڌيڪ بهتر آهي ۽ بيماريءَ ۽ ڪمزوريءَ جي حالت ۾ **اميد** بهتر آهي. خاص طور تي جڏهن آخرت جي سفر تي روانگي (يعني موت جو وقت) هجي ته رحمتِ الٰهيءَ مان اميد غالب هئڻ گهرجي. مون (يعني امام غزالي رَحْمَۃُاللہِعَلَیْہ) عُلماءِ ڪِرام کان ائين ئي ٻڌو آهي. ان جو سبب هي آهي ته حديثِ قدسي ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو آهي: **مان انهن ماڻهن وٽ هوندو آهيان، جن جون دليون منهنجي خوف سبب ٽٽي چُڪي هونديون آهن.** (حلية الاولياء، 4/ 34،قول نمبر : 4664) (منهاج العابدين،ص156)

(12) الله پاڪ ۾ حُسنِ ظَن

الله پاڪ ۾ حُسنِ ظن (يعني سنو گمان رکڻ) جو مطلب هي آهي ته ان جي نافرمانيءَ کان بچڻ گهرجي، سندس عذاب کان ڊڄڻ گهرجي ۽ ان جي عبادت لاءِ پرپور کوشش ڪئي وڃي. (منهاج العابدين،ص156)

(13): جهڙي اميد، تهڙو عمل

توهان نجات جي اميد رکو ٿا، پر ان جي رستن تي نه ٿا هلو. ٻڌو! ٻيڙي خشڪيءَ تي نه هلندي آهي. (منهاج العابدين،ص157)

(14): ڪُوڙي اميد، ڏوکو ۽ غفلت

عبادت ۾ محنت ۽ کوشش کان سواءِ، حسنِ ظن نه، بلڪ کوڙي اميد، ڏوکو ۽ غفلت آهي. هن بنيادي ڳالهه مان عبرت حاصل ڪريو، نيڪ ماڻهن جي حالتن تي غور ڪريو ۽ غفلت جي نند مان بيدار ٿيو ۽ توفيق ڏيڻ وارو ته الله پاڪ ئي آهي. (منهاج العابدين،ص157)

(15): بخيل ۽ رِياڪار تي جنت حرام

حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنت گفتگو ڪئي ۽ چيائين: **مان هر بخيل ۽ رياڪار تي حرام آهيان.**

(تاريخ ابن عساكر، 52/ 151، حديث: 6133) (منهاج العابدين، ص 160)

(16): سورت واقعه جون برڪتون

رزق جي معاملي ۾ سختي ۽ تنگدستيءَ جي وقت سورت واقعه پڙهڻ بابت حضور نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابه ڪرام رضی اللهُ عنهم کان حديثون ۽ واقعا مروي آهن، ايتري تائين جو حضرت سيدنا ابن مسعود رضی اللهُ عنه کي وِصال وقت جڏهن هن ڳالهه تي ملامت ڪئي وئي ته توهان پنهنجي اولاد لاءِ ڪو مال نه ڇڏيو آهي، ته پاڻ فرمايائون: مان انهن جي لاءِ سورت واقعه ڇڏي وڃي رهيو آهيان.

(منهاج العابدين،ص165)

(17): سورت واقعہ قناعت پيدا ڪندي آهي

اڪثر ڪري توهان سورت واقعہ پڙهڻ کان پوءِ پنهنجي دل ۾ قناعت محسوس ڪندؤ ۽ ڪمزوري ۽ گهٽو ڪائڻ جو حرص ۽ ختم ٿيندي محسوس ڪندؤ، ان سان گڏوگڏ توهان کي پنهنجي اندر ڪائڻ پيئڻ کان بي نيازي ۽ محسوس ٿيندي. جنهن ان جو تجربو ڪيو هوندو، اهو انهن ڳالهين کي چگيءَ طرح سمجهي سگهي ٿو. (منهاج العابدين،ص166)

(18): خُود پَسنديءَ جو علاج

خود پسنديءَ جي حقيقت پنهنجي نيڪ عمل کي وڏو سمجهڻ آهي ۽ خود پسنديءَ جو ضد (يعني ان جي ابتڙ) احسان کي ياد ڪرڻ آهي ۽ اِهو هن طرح جو ڀانهو سمجهي تہ هي عمل الله پاڪ جي توفيق سان ئي ٿيو آهي. (منهاج العابدين، ص 166-167)

(19): ڇا هي سِڏو سَنئون نقصان نہ آهي؟

الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

اَللّٰهُ الَّذِیْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ وَّ مِنَ الْاَرْضِ مِثْلَهُنَّ ؕ

یَتَنَزَّلُ الْاَمْرُ بَیْنَهُنَّ لِتَعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ۙ

(پارو: 28، سورة الطلاق: 12)

ترجمو ڪنز العرفان: الله اهو ئي آهي جنهن ست آسمان بڻايا ۽ انهيءَ جي برابر زمينون. (بڻايون) حڪم انهن جي درميان لهي ٿو تہ جيئن توهان ڄاڻو تہ الله هر شيء تي خوب قادر آهي

هتي الله پاڪ ڄڻ تہ هي ارشاد فرمائي رهيو آهي تہ آسمان ۽ جيڪو ڪجهہ انهن جي وچ ۾ آهي، اهو مون پيدا ڪيو آهي ۽ ان ۾ منهنجي ڪاريگريءَ جا بهترين ۽ عمده نمونا موجود آهن ۽ مون تنهنجي ڏسڻ لاءِ انهن کي ڪافي ڄاڻي ورتو آهي، تہ جيئن تون ڄاڻي ونين تہ مان

قادر (يعني قدرت رکڻ وارو) به آهيان ۽ عالم (يعني ڄاڻڻ وارو) به آهيان. جڏهن ته تنهنجي حالت هيءَ آهي جو تون کوتاهين ۽ عيبن سان پرپور صرف به رکعتون پڙهين ٿو، پر تون اِهو کافي نه ٿو سمجهين ته مان توکي ڏسي رهيو آهيان، تنهنجي عمل کي ڄاڻان ٿو، تنهنجي تعريف کريان ٿو ۽ تنهنجو عمل قبول کريان ٿو. پر تون چاهين ٿو ته ماڻهو تنهنجو عمل ڏسن ۽ ان جي کري تنهنجي تعريف کن، ڇا اِها وفاداري آهي؟ ڇا اِها عقلمندي آهي؟ ڇا کو عقلمند ان کي پنهنجي لاءِ پسند کندو آهي؟ افسوس آهي تنهنجي مٿان! ڇا تون ناسمجهه آهين؟

جيکڏهن کنهن شخص وٽ کو قيمتي پٿر هجي، جنهن کي وڪڻي هو هک لک دينار حاصل کري سگهندو هجي، پر هُو ان کي هک پئسي ۾ وڪڻي ڇڏي، ته ڇا اها وڏي بيوقوفي ۽ تمام وڏو نقصان ناهي؟ يقيناً اِهو سندس کَم عقليءَ جو ثبوت آهي. ايئن ئي الله پاڪ جي رِضا، خوشنودي ۽ ثواب جي مقابلي ۾ بانهي جو ماڻهن کان تعريف جو خواهشمند ٿيڻ، لکين درهم، بلڪ دُنْيَاوَمَافِيهَا (يعني دنيا ۽ ان ۾ جيکو کجهه آهي) جي مقابلي ۾ هک پئسي کان به وڌيڪ کَمتَر آهي. ڇا هي کليل نقصان نه آهي جو تون اهڙين حقير تعريفن جي عيوض، الله پاڪ جي بارگاهه مان ملڻ واري نايابَ عزت ۽ کرامت کان پاڻ کي محروم کري ڇڏين؟ (منهاج العابدين،ص160)

(20): ماڻهو کنهن بہ شيءِ جا مالِکَ نہ آهن

جنهن کي پنهنجي ربَ سان ملاقات جي اميد هوندي آهي، اُهو ان جي خوف سبب خالص عمل کندو آهي ۽ ماڻهو کنهن به شيءِ جا مالک نه آهن، پوءِ تون انهن جي لاءِ اجايو ڏيکاءُ چو ٿو کرين؟ (منهاج العابدين،ص171)

(21): بُروءِ جاهل انسان

تنهنجي حيثيت هيءَ آهي جو جيڪڏهن تون پنهنجي شهر جي (سردار) يا ڪنهن وڏي آفيسر سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪرڻ جي لاءِ اندر وڃڻ جي اجازت گهرين تہ هُو اڪثر توکي اجازت نہ ڏيندو آهي، جيڪڏهن پنهنجي پاڙي جي ڪنهن وڏي شخص (مثلاً ايم پي اي ۽ ايم اين اي وغيره) ان ڳالهائڻ چاهين تہ اڪثر هُو توسان ڳالهائڻ بہ پسند نہ ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن تون پنهنجي بادشاهہ کي سجدو بہ ڪري ونين تڏهن بہ اڪثر هُو تنهنجي طرف ڏيان نہ ڏيندو آهي. جڏهن تہ الله پاڪ توکي اجازت ڏئي ڇڏي آهي تہ تون هُن جي عبادت ڪر، هُن جي تعريف ڪر، هُن سان ڳالهيون ڪر بلڪ ڪُلي ڪري پنهنجيون پريشانيون هُن جي آڏو پيش ڪر، پنهنجيون ضرورتون ان کان گهُر ۽ پنهنجن ڏکين معاملن ۾ ڪانئس مدد طلب ڪر. وڏيڪ هي تہ هُو تنهنجي ڪوتاهيءَ سان ادا ڪيل ٻن رڪعتن واري نماز تي بہ راضي ٿي ويندو آهي ۽ انهن تي ايترو تہ ثواب عطا فرمائيندو آهي، جو ڪو انسان ان جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهي، پر پوءِ بہ تون پنهنجين انهن ٻن رڪعتن تي خود پسنديءَ ۾ مبتلا آهين، انهن کي تمام وڏي شيءِ سمجهين ٿو ۽ هن معاملي ۾ الله پاڪ جي احسان تي نظر نہ ٿو ڪرين، تون ڪيڏو نہ برو خادم ۽ ڪيڏو نہ جاهل انسان آهين! ۽ الله پاڪ ئي کان مدد جي درخواست آهي ۽ ان جي ئي بارگاهہ ۾ هن جاهل نفس جي شڪايت آهي. (منهاج العابدين،ص174)

(22): الله پاڪ جي لاءِ خالص 2 رڪعتون

جڏهن رات جو تون بہ رڪعتون پڙهڻ لاءِ بيهين تہ تصور ڪر تہ هِن رات ۾ الله پاڪ جي عبادت لاءِ ڪيترائي خادم زمين جي مختلف ڪُنڊن، جهنگن، سمندن، جبلن ۽ شهرن ۾ بيٺا آهن. انهن ۾ استقامت وارا، صديقين، خوفِ خدا رکڻ وارا، ديدارِ الٰهيءَ جو شوق رکڻ وارا،

رياضت ۽ مجاهدا ڪرڻ وارا، عاجزي ڪرڻ وارا ۽ دنيا کان بي رغبتي رکڻ وارا ماڻهو شامل آهن. غور ڪر ته هِن وقت بارگاهه خداوندي ۾ خوفِ خدا سبب ڏکندڙ جانين، پاڪ جسمن، روئندڙ اکين، آباد دلين، پاڪ سِينن ۽ صاف ستڙن عضون سان ڪيتري نہ پاڪيزه ۽ خالص عبادت ۽ خدمت پيش ٿي رهي هوندي. باقي رهي تنهنجي نماز ته جيتوڻيڪ تون ان کي چگيءَ طرح ادا ڪرڻ لاءِ اخلاص ۽ پختگيءَ سان پنهنجي وَسَ آهر پرپور ڪوشش ڪئي هوندي، پر پوءِ به اُها ان شهنشاهِ اعظم (يعني اللّٰه ربُ العِزَت) جي بارگاهه ۾ پيش ٿيڻ جي لائق ڪٿي آهي؟ ۽ انهن عبادتن جي مقابلي ۾ ان جي ڪهڙي حيثيت آهي جيڪي اُتي پيش ٿي رهيون آهن. تنهنجو جسم گناهن سان آلوده ۽ ناپاڪ هو ۽ زبان فضول ۽ گناهن ڀرين ڳالهين سان ڀريل هئي، پوءِ اهڙي نماز ان جي عاليشان بارگاهه ۾ پيش ٿيڻ جي لائق ڪٿي هئي؟ ۽ ان ۾ اِها صلاحيت ڪٿي هئي جو ان کي ربُ العزّت جي بارگاهه جي نذر ڪيو وڃي؟ (منهاج العابدين،ص175)

(23): ڇا ڪڏهن اهڙي ڪوشش ڪئي اٿئي؟

(امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته) اسان جي شيخ فرمايو: اي نادان! غور ڪر! ڇا تو ڪڏهن پنهنجي ڪنهن نماز کي آسمان ڏانهن موڪلڻ جي لاءِ اهڙي ڪوشش ڪئي آهي، جهڙي تون اميرن جي گهرن ۾ ڪاڏو موڪلڻ لاءِ ڪندو آهين؟ (منهاج العابدين،ص175)

(24): سَراپا خطا آهيان، نظرِ ڪَرَم ٿئي

حضرت سيدنا عطا سُلَمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نهايت مضبوطي ۽ خوبصورتي سان هڪ ڪپڙو اُڻي تيار ڪيو. پوءِ اهو ڪٽي بازار ۾ ويا ۽ هڪ ڪپڙو وڪڻڻ واري کي ڏيکاريائون، پر ان تمام گهٽ قيمت لڳائي ۽ چيائين: هِن ۾ ته هِي هِي عيب آهن. پاڻ اهو ڪپڙو گنيائون ۽ ويهي

تمام گهٽو روئڻ لڳا، دڪاندار کي پنهنجي رَوِيي تي تمام گهڻي شرمندگي ٿي، ساڻس معذرت ڪئي ۽ سندن گهربل قيمت تي ڪپڙو خريد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. پاڻ فرمايائون: ڳالهه اِها ناهي، جيڪا تون سمجهي رهيو آهين، هي منهنجو پيشو آهي ۽ مون هي ڪپڙو تيار ڪرڻ ۾ ان جي خوبصورتي ۽ مضبوطيءَ لاءِ پنهنجي پوري ڪوشش ڪئي هئي، ايسيتائين جو مون کي ان ۾ ڪو به عيب نظر نه آيو، پر پوءِ جڏهن مان هِن کي عيبن جي سجاڻڻ واري ماهر جي آڏو پيش ڪيو ته اُن هِن ۾ اُهي عيب ٻڌايا، جن کان مان غافل هيس ته سياڻي جڏهن رَبُّ الْعٰلَمِين جي آڏو اسان جا اعمال پيش ڪيا ويندا ته پوءِ انهن ۾ ڪيڏا نه عيب ۽ ڪوتاهيون ظاهر ٿيندیون، جن کان اڄ اسان بي خبر آهيون. (منهاج العابدين، ص 176-177)

(25) مقبول عمل جو ثواب

عظيم تابعي بزرگ حضرت سيدنا امام نَخعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو ته: فلاڻي فلاڻي عمل جو ثواب ڪيترو آهي؟ پاڻ فرمايائون: جڏهن ڪو عمل قبول ٿي وڃي ته ان جو ثواب گهٽي نه ٿو سگهجي. (منهاج العابدين،ص177)

(26): رابعه بصريه رَحمَةُ اللهِ عَلَيهَا جو اخلاص

حضرت بيبي رابعه بصريه رحمةُ اللهِ عليها فرمائين ٿيون: منهنجو جيڪو به عمل ظاهر ٿي ويندو آهي ته مان ان کي ڪنهن به گُٽ ۾ نه آڻيندي آهيان. (منهاج العابدين،ص180)

(27): نفس کي عبادت جو عادي بڻايو

حضرت استاد ابو الفضل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: مان جاڻان ٿو ته منهنجون عبادتون مقبول نه آهن. ڪائن ان جو سبب پڇيو ويو ته فرمايائون: مان جاڻان ٿو ته مقبول ٿيڻ جي لاءِ عمل کي ڪهڙين شين

جي ضرورت هوندي آهي ۽ هي به جاڻان ٿو ته مان اهي شيون پوريون نه ڪيون آهن، تنهنڪري مون کي خبر آهي ته منهنجون عبادتون قبول نه آهن. عرض ڪيو ويو: ته پوءِ توهان عبادتون چو ٿا ڪريو؟ فرمايائون: ان اميد تي ته ڪنهن ڏينهن الله پاڪ منهنجي اصلاح فرمائي ته ان وقت نفس نيڪيءَ جو عادي بڻجي چڪو هجي ۽ ان وقت مون کي نفس کي عبادت ڏانهن مائل ڪرڻو نه پوي. هي انهن ماڻهن جو حال آهي، جيڪي عبادتن ۾ تمام گهڻي محنت ۽ مشقت ڪرڻ وارا هئا. (منهاج العابدين،ص180)

(28): سڀ کان وڏو تحفو

عبادت کان فارغ ٿيڻ وقت جيڪڏهن تون پنهنجي دل ۾ ان ڳالهه (يعني توفيقِ الٰهي ۽ الله پاڪ جي احسان) جو تڪرارُ ڪندين ۽ الله پاڪ کان مدد گهرندين ته اِهو طريقو توکي رياڪاري ۽ خود پسنديءَ کان پري رکندو، توهان کي خالص الله پاڪ جي لاءِ عبادت ڪرڻ تي اُپارينڊو ۽ هر حالت ۾ توکي الله پاڪ جا احسان ياد ڪرڻ ۾ مشغول رکندو. اهڙي طرح توکي اهڙيون مقبول عبادتون نصيب ٿينديون، جن ۾ ڪا به خرابي نه هوندي ۽ فرض ڪر ته جيڪڏهن اهڙي عبادت زندگيءَ ۾ صرف هڪ پيرو ئي نصيب ٿي وڃي ۽ ٻيهر ڪڏهن حاصل نه ٿئي، ته بيشڪ حقيقت ۾ اهائي وڏي عبادت آهي. مون کي قسم آهي! جيتوڻيڪ اهڙين عبادتن جو تعداد گهٽ هجي، پر انهن جو قدر ۽ قيمت تمام وڏي، نفعو تمام گهڻو ۽ انجام تمام سٺو آهي. اهڙي توفيق تمام گهٽ نصيب ٿيندي آهي ۽ هن نعمت جي لاءِ ٻانهي تي الله پاڪ جو فضل تمام وڏو آهي. **هاڻي ٻڌاءِ ته ان تحفي کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو تحفو ٿي سگهي ٿو، جنهن کي تمام جهان جو ربُ قبول فرمائي؟** (منهاج العابدين،ص186)

(29): شُڪر ڇا آهي؟

ٻانهي جي طرفان شڪر اهڙي تعظيم جو نالو آهي، جيڪا ان کي پنهنجي مٿان احسان ڪرڻ واري ذات جي بي ادبي ڪرڻ کان روڪي ڇڏيندي آهي، ۽ ٻانهي ۾ اِها ڪيفيت احسان ڪرڻ واري جي احسان کي ياد ڪرڻ ۽ ناشڪري ڪرڻ واري جي ناشڪريءَ سبب ان جي بُري حالت کي ياد ڪرڻ سان پيدا ٿيندي آهي. (منہاج العابدين،ص189)

(30): هڪ ديني مسئلي جي لذت

الله پاڪ جن ماڻهن کي ڪنهن ديني نعمت، علم يا عمل سان خاص فرمايو آهي، حقيقت ۾ اهي ئي ماڻهو ان نعمت جي قدر ۽ قيمت کي وڌيڪ ڄاڻڻ وارا، ان جي وڌيڪ تعظيم ڪرڻ وارا ۽ سيني کان وڌيڪ ان جو شڪر ادا ڪرڻ وارا هوندا آهن. ڪجهه ماڻهن کي الله پاڪ ان کان محروم رکيو آهي تہ ان جو سبب تقدير جي مطابق نعمت کان سندن بي پرواهي ۽ ان جي تعظيم ۾ ڪوتاهيءَ جي ڪري محروم رکيو ويو آهي. پوءِ جيڪڏهن علم ۽ عبادت جي تعظيم عوام ۾ بازاري ماڻهن جي دلين ۾ بہ اهڙي ئي هجي ها، جهڙي عالمن ۽ عبادت گذارن جي دلين ۾ آهي، تہ اهي ڪڏهن بہ بازارن کي ترجيح نہ ڏين ها، بلڪ بازارن کي ڇڏڻ انهن لاءِ آسان ٿي وڃي ها. ڇا تون ڏسين نہ ٿو تہ جڏهن ڪو فقيهه يعني عالم ڪنهن اهڙي مسئلي کي واضح ڪري ونندو آهي، جيڪو اڳ ۾ مٿس واضح نہ هو، تہ ان جي دل خوشيءَ وِڇان ڪيئن نہ جهومڻ لڳندي آهي ۽ سندس سُرور ڪيترو نہ وڌي ويندو آهي، سندس دل ۾ ان مسئلي جو قدر ۽ قيمت ايتري تہ وڌي ويندي آهي جو جيڪڏهن ڪيس لکين دينار بہ ڏنا وڃن ها تہ هو ايترو خوش نہ ٿئي ها. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو ڪو فقيهه ڪنهن مسئلي ۾ مُنجهِي پوندو آهي، تہ هُو هڪ سال، ڏهہ سال، بلڪ ويهن سالن تائين بہ ان ۾ غور ۽ فڪر ڪندو رهندو آهي، پر پوءِ بہ نہ

ٽڪجندو آهي. ايسيتائين جو الله پاڪ ڪيس ان جي سمجهه عطا فرمائي ڇڏيندو آهي، تہ هُو ان کي الله پاڪ جو تمام وڏو احسان ۽ عظيم نعمت سمجهندو آهي ۽ ان تي پاڻ کي دولتمندن کان وڌيڪ دولتمند ۽ عزت وارن کان وڌيڪ عزت وارو سمجهندو آهي. (منهاج العابدين،ص193)

(31) نعمت کي باقي رکڻ جو طريقو

تون جڏهن به پلائيءَ کان محروم ٿيندو آهين تہ پنهنجي نفس جي ڪري ئي ٿيندو آهين. تنهنڪري خوب ڪوشش ڪر تہ جيئن الله پاڪ جي نعمت جو قدر سجاڻين سگهين ۽ ان جي اهڙي تعظيم ڪر، جهڙي تعظيم ڪرڻ جو حق آهي. پوءِ تون ان (يعني نعمت) جو اهل بڻجي ويندين ۽ پوءِ ربُ تعاليٰ ان نعمت کي تو وٽ باقي رکي توتي احسان فرمائيندو. (منهاج العابدين،ص194)

(32): نعمت جو قدر نہ ڪرڻ واري جو حال

اهو بادشاهہ جيڪو پنهنجي ڪنهن غلام کي عزت بخشي، اُن کي خاص لباس پهرائي، پنهنجو قرب يعني ويجهڙائپ عطا ڪري ۽ ڪيس پنهنجن سمورن غلامن جو سردار بڻائي ڇڏي، پوءِ ان کي پنهنجي دروازي تي موجود رهڻ جو حڪم ڏئي ۽ ٻئي طرف اهو فرمان جاري ڪري تہ هِن جي لاءِ فلاڻي جاءِ تي محل تعمير ڪيا وجن، اونچا اونچا تخت وڇايا وجن، مختلف قسمن جا طعام سجايا وجن ۽ سندس خدمت لاءِ خادم هٿ ٻڌي بيٺا رهن، ايسيتائين جو جڏهن هُو غلام بادشاهہ جي خدمت کان واپس موٽي تہ انهن محلن ۾ ڪيس عزت سان بادشاهہ جيان رهايو وڃي.

هاڻي هُو بادشاهہ جي خدمت ڪرڻ ۽ پاڻ بادشاهہ بڻجڻ جي وچ ۾ ڏينهن جي صرف هڪ گهڙي يا ان کان به گهٽ وقت رهندو هجي ۽

ان دوران اهو غلام بادشاهه جي دروازي تي جانورن جي سار سنيال لهڻ واري ڪنهن نوڪر کي مانيءَ جو ٽڪرو ڪائيندي يا ڪنهن ڪتي کي هڏي چٻاڑيندي ڏسي تہ بادشاهه جي خدمت کي ڇڏي انهن کي ڏسڻ ۾ مشغول ٿي وڃي ۽ شاهي انعامن کان ڏيان هٽائي ماني ڪائڻ واري نوڪر جي طرف ڊوڙي ۽ هٿ ڊگهو ڪري ان کان مانيءَ جو ٽڪرو گهرڻ لڳي يا هڏيءَ جي لاءِ ڪتي سان وڙهڻ لڳي ۽ انهن تي رِيس ڪندي انهن جي ان حالت کي وڏي نعمت سمجهڻ لڳي، تہ جڏهن بادشاهه ان شخص کي اهڙي حالت ۾ ڏسندو تہ ائين نہ چوندو تہ هن بيوقوف ۽ ڪميني شخص اسان جي عطا ڪيل عزت جو قدر نہ ڪيو؟ اسان ڪيس جيڪو قيمتي لباس پهرايو، پنهنجي بارگاهه ۾ قرب بخشيو، مٽس پنهنجي خاص نظرِ ڪرم فرمائي ۽ ان جي لاءِ دولت جا خزانا ۽ ڪيترن ئي قسمن جون نعمتون مهيا ڪيون، هن انهن جي قدر ۽ قيمت کي ئي نہ سڃاتو. هي تہ وڏو جاهل آهي ۽ ڪيس شين جي وچ ۾ فرق ڪرڻ جي بہ سمجهہ ناهي. هن کان سپ انعام ۽ اڪرام ڪسي ونو ۽ ڪيس اسان جي دروازي کان پري ڪري ڇڏيو، اهڙو ئي حال دنيا ڈانهن مائل ۽ خواهشن جي پيروي ڪرڻ واري عبادت گذار جو هوندو آهي، جيتوٽيڪ الله پاڪ ڪيس عبادت، نعمت، شريعت ۽ احڪامن جي سڃاڻپ سان نوازيو، پر هُو انهن جو قدر ۽ قيمت نہ سڃاڻي سگهيو. (منہاج العابدين،ص195)

(33) دنيا جو مال مصيبت آهي

دنيا جو مال تہ هڪ مصيبت آهي، جنهن ۾ الله پاڪ هر غير مسلم، فرعون، بي دين، جاهل ۽ فاسق کي مبتلا ڪندو آهي، جيڪي ان جي ذليل ترين مخلوق آهن ۽ هُو هِن نِيچ دنيا کي هر نبي، صديق، عالم ۽ عابد کان پري رکندو آهي، جيڪي سندس بهترين مخلوق آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ انهن کي مانيءَ جو ٽڪرو ۽ ڪپڑي جي لِيڑَ بہ نصيب

نہ ٿيندي آهي ۽ الله پاڪ مٿن احسان جتائيندو آهي تہ هُن کين دنيا جي گندگيءَ سان آلودھ نہ فرمايو آهي. (منهاج العابدين،ص197)

وضاحت: حضرت ابو صفوان رعيني رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ جنهن دنيا جي مذمت بيان فرمائي آهي، ان مان ڇا مراد آهي؟ ارشاد فرمايائون: هر اهو ڪم جيڪو تون دنيا ۾ دنيا جي لاءِ ڪرين، اهو مذموم يعني بُرو آهي ۽ هر اهو ڪم جنهن مان آخرت يعني ثواب مقصود هجي، اهو دنيا ناهي. (قوت القلوب،2/444)

امام غزالي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه لکن ٿا: ڪجهہ صحابہ ڪرام رضی اللهُعنهم وٽ مال هو، پر انهن جو مقصد سوال کان بچڻ ۽ الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ هو. (احياءالعلوم ، 328/3) جڏهن ڪو بانهو آخرت جي بهتريءَ جي مقصد سان دنيا مان ڪجهہ حاصل ڪندو آهي تہ ان کي دنيا جو طلبگار نہ چيو ويندو، پر ان جي حق ۾ دنيا آخرت جي پوک بڻجي ويندي. (احياءالعلوم ، 272/3) تنهنڪري حضرت دائود ۽ سليمان عليهماالسّلام جي بادشاهت ۽ ڪجهہ صحابہ ڪرام عليهمُالرّضوان ۽ اولياءِ ڪرام رحمةُاللهِعليهم جي مالدار هجڻ سبب مٿن اعتراض نہ ٿو ڪري سگهجي.

(34) پنهنجن کي عيش و آرام کان پري رکڻ

الله پاڪ حضرت سيدنا موسيٰ ۽ حضرت سيدنا هارون عليهماالسّلام کي فرمايو: جيڪڏهن مان چاهيان تہ توهان کي اهڙي زينت عطا ڪري ڇڏيان، جنهن کي ڏسي فرعون جاڻي ونيِ تہ اهڙي زينت سندس وَسَ کان ٻاهر آهي ۽ مان يقيناً ائين ڪري سگهان ٿو، پر مان توهان ٻنهي کان دنيا کي پري ڪري توهان کي ان کان بي نياز ڪري ڇڏيندس ۽ مان پنهنجن دوستن سان ائين ئي ڪندو آهيان. مان انهن کي دنياوي نعمتن کان ائين ئي پري رکندو آهيان، جيئن ڪو مهربان ڏنار پنهنجن

انن کي خارش ۾ ورتل انن کان پري رکندو آهي، مان انهن کي دنيا جي عيش ۽ آرام کان ان کري پري نہ رکندو آهيان جو منهنجي نظر ۾ سندن کا اهميت ناهي، پر ان کري پري رکندو آهيان تہ جيئن اُهي منهنجي طرفان مڪمل طور عزت ۽ انعام حاصل ڪن. (منهاج العابدين،ص197)

(35) تمام وڏي نعمت

هڪ پيري رسولِ اڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص کي هي چوندي ٻڌو تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلَى الْاِسْلَامِ يعني سڀ تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن، جنهن اسلام عطا فرمايو، تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ تون تمام وڏي نعمت تي الله پاڪ جي تعريف ۽ حمد ڪري رهيو آهين. (شعب الايمان،119/4،حديث:4498) (منهاج العابدين،ص198)

(36): شڪر ادا ڪرڻ لاءِ سڀ کان بهترين ڪلمو

منقول آهي تہ شڪر ادا ڪرڻ جي سلسلي ۾ الله پاڪ کي سڀ کان وڌيڪ پسنديده ۽ بهترين ڪلمو هي آهي تہ پانهو هينئن چوي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ اَنْعَمَ عَلَيْنَا وَهَدَانَا اِلٰى دِيْنِ الْاِسْلَامِ يعني سڀ تعريفون ان الله پاڪ جي لاءِ آهن، جنهن اسان تي انعام فرمايو ۽ اسان کي دينِ اسلام جي هدايت بخشي. (منهاج العابدين،ص198)

(37): دين جو قدر ڪريو

حضرت سيدنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا تہ جيڪو پنهنجي دين جي باري ۾ بي خوف هوندو آهي، ان کان دين کسيو ويندو آهي. (منهاج العابدين،ص198)

(38): ايمان جي حفاظت جي دعا

حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: توهان ڪيئن بي خوف ٿي سگهو ٿا، جڏهن تہ حضرت سيدنا ابراهيم خليل الله عليه السّلام

پنهنجي ربَ جي بارگاهه ۾ نهايت عاجزي ۽ انڪساريءَ جي لاءِ دعا گهري ۽ حضرت سيدنا يوسف عليه السّلام به دعا گهري: تَوَفَّنِیْ مُسْلِمًا (پارو: 13، سورة يوسف: 101) ترجمو كنز العرفان: مون كي اسلام جي حالت ۾ موت ڏي. حضرت سيدنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هميشه هيءَ دعا گهرندا هئا: اَللّٰهُمَّ سَلِّمْ سَلِّمْ يعني اي الله پاڪ! سلامتي عطا فرماءِ، سلامتي عطا فرماءِ. ائين لڳندو هو، جڙ تہ پاڻ ٻيڙيءَ ۾ سوار آهن ۽ كين ٻڏڻ جو خوف آهي. (منهاج العابدين،ص199)

(39): ڪِتي اسلام نہ ڪَسجِي وڃي!

حضرت سيدنا محمد بن يوسف بن اسباط رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان كن ٿا تہ هك پيري مون حضرت سيدنا سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه كي سڃي رات روئندي ڏٺو، تہ عرض كيو: توهان گناهن تي ايتري قدر روئو ٿا؟ تہ انهن هِكُ تِيلو كنيو ۽ فرمايائون: گناهه تہ الله پاك جي نزديك هِن تِيلي كان بہ وڌيك معمولي آهن، مان تہ ان ڳالهہ تي روئي رهيو آهيان تہ كٿي الله پاك مون كان اسلام نہ كسي وڃي. اَلْعِيَاذُ بِاللهِ (الله پاك جي پناهہ). (منهاج العابدين،ص199)

(40): ناشكريءَ برباد كري ڇڏيو

هك عارف باللهہ (يعني الله پاك جي سڃاڻپ ركڻ وارا بزرگ) رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان كن ٿا تہ كنهن نبي عليه السّلام الله پاك كان بلعم بن باعورا جي باري ۾ پڇيو تہ ايتري عزت ۽ شان ملڻ كان پوءِ هُو كيئن مردود ٿي ويو؟ تہ الله پاك ارشاد فرمايو: مون كيس جيكو كجهہ عطا كيو هو، ان تي هُن هك ڏينهن بہ منهنجو شكر ادا نہ كيو، جيكڏهن هو هك پيرو بہ منهنجو شكر ادا كري وڃي ها تہ مان ان كان پنهنجون عطائون واپس نہ وٺان ها. (منهاج العابدين،ص199)

(41): هڪ سال ۾ ڪمال جو درجو

حضرت بيبي رابعه بصريه رحمةُاللهِعليها وڏي ڄمار واريون ڪنيز يعني خادمه هيون. ڪين بصري جي بازار ۾ گهمايو ويندو هو، پر وڏي عمر هئڻ سبب ڪو به انهن کي خريد ڪرڻ ۾ دلچسپي نه ونندو هو. پوءِ هڪ واپاريءَ کي مٿن رحم اچي ويو ۽ ان هڪ سؤ درهمن ۾ کين خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيو. پاڻ رحمةُاللهِعليها آخرت جو رستو اختيار ڪري ورتائون (يعني ڏينهن رات عبادت ۾ مشغول رهنديون هيون) اڃان هڪ سال به نه گذريو هو ته بصري جي عالمن ۽ مشائخن ۾ سندن بلند مرتبي ۽ مقام جي ڪري انهن جي شهرت ٿي وئي.

(منهاج العابدين،ص203)

(42): تمناءِ فاروقي

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رضىاللهُعنه ڪنهن ڪان هيءَ آيتِ مبارڪ ٻڌي: هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ حِيْنٌ مِّنَ الدَّهْرِ لَمْ يَكُنْ شَيْـًٔا مَّذْكُوْرًا (پارو: 29، سورة الدهر: 1) ترجمو ڪنز العرفان: ”بيشڪ انسان تي هڪ وقت اهو گذريو جو اهو ڪو ذڪر جي قابل شيء نه هو.“ ته پاڻ فرمايائون: ڪاش! اُها حالت ائين ئي رهي ها (يعني نه انسان پيدا ٿئي ها ۽ نه ئي پابندين ۾ اچي ها). (منهاج العابدين،ص205)

(43): انسان نادان آهي

حضرت سيدنا وهب بن مُنَبِّه رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمايو: انسان کي نادان پيدا ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن انسان ۾ ناداني نه هجي ها ته هُو ڪڏهن به زندگيءَ مان لطف اندوز نه ٿئي ها. (منهاج العابدين،ص205)

(44): قابلِ رشک ڪير؟

حضرت سيِّدُنا فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مون کي وڏي کان وڏي نيڪ شخص تي به رشڪ نه ايندو آهي، چا هِي ماڻهو قيامت جون هولناڪيون نه ڏسندا؟ مون کي ته ان شخص تي رشڪ ايندو آهي، جيڪو پيدا ئي نه ٿيو آهي. (منهاج العابدين،ص205)

(45) ڪجهه نه هئڻ جي خوشي

حضرت سيدنا عطا سُلَمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: جيڪڏهن باهه پڙڪائي اهو چيو وجي ته "جيڪو پاڻ هِن ۾ ٿيو ڏيندو، اهو ڪجهه به نه رهندو (يعني اُن جو وجود ختم ٿي ويندو، آخرت ۾ ان جو ڪو حساب ڪتاب نه ٿيندو)، **ته مون کي دپ آهي ته متان ان تائين پهچڻ کان اڳ ئي مان خوشيءَ سبب مري نه وڃان.** (منهاج العابدين،ص205)

(46): چوڪاري جي راهه

اي بندا! دنيا مان ايمان سلامت ڪڍي وڃڻ جو معاملو تنهنجي وهم ۽ گمان کان به وڌيڪ سخت ۽ ڏکيو آهي، پر اهو الله پاڪ جي تقدير ۾ مقرر ٿي چڪو آهي ۽ ان جي تدبير فرمائڻ وارو غالب علم وارو آهي. بانهي جي لاءِ چوڪاري جو رستو صرف اهو ئي آهي ته: **هُو بندگي (يعني عبادت) ۾ پنهنجي سموري ڪوشش لڳائي ڇڏي، الله پاڪ جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڑي رکي ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ آزي ۽ نيازي يعني عاجزي ۽ انڪساري ڪندو رهي. اميد آهي ته ربُ رحمٰن مٿس رحم فرمائي، پنهنجي فضل سان ڪيس سلامتي عطا فرمائي ڇڏي.** (منهاج العابدين،ص205)

(47): جنت جو قدر ۽ قيمت

ان شخص جو ڪهڙو حال هوندو، جيڪو هميشه رهڻ واري جنّت ۾ تمام وڏي سلطنت چاهي ٿو؟ چا اهو الله پاڪ جي لاءِ به رڪعتون

پڙهڻ، ۽ درهم خرچ ڪرڻ يا ۽ راتيون جاڳڻ کي تمام وڏي ڳالهه سمجهندو آهي؟ هرگز نه. بلڪ جيڪڏهن ان وٽ ڏهه لک جسم، ڏهه لک روحَ ۽ ڏهه لک زندگيون هجن ۽ هر زندگي دنيا جي عمر جيتري هجي، پوءِ هو انهن سمورين زندگين کي پنهنجي هن پياري مقصد يعني اُخروي سلطنت حاصل ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏي، تڏهن ۽ اِهو ٿورو آهي. پوءِ جيڪڏهن ان کان پوءِ کيس پنهنجي مطلوب ۽ مقصود ۾ ڪاميابي حاصل ٿي وڃي تہ اها تمام وڏي غنيمت ۽ الله پاڪ جي طرفان مٿس تمام وڏو فضل آهي. (منهاج العابدين،ص207)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو



فیضانِ مدینہ، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڈي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net